اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ۗ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا

ته بيشڪ الله تعالىٰ اوهان کي ڍڳي ڪهڻ جو حڪم فرمائي ٿو، چيائون ڇا تون اسان سان مذاق

هُزُوًا ۗ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا

ڪرين ٿو، موسيٰ فرمايو آئون الله کان جاهلن مان هجڻ جي پناهه گهران ٿو . چيائون ته

ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۗ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا

دعا گهر پنهنجي رب کان ته ڍڳي جون صفتون اسان لاءِ بيان ڪري، فرمايو موسيٰ الله تعالىٰ فرمائي ٿو بيشڪ اها ڍڳي

فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ۗ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ۗ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾

نه پوڙهي هجي ۽ نه جوان، وچتري جهار ۾ هجي، پوءِ توهان کي جيڪو چيو ويو آهي سو ڪريو .

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ۗ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ

چيائون پنهنجي رب کان دعا گهر ته اسان کي ٻڌائي ته ڍڳي جو رنگ ڪهڙو آهي؟ موسيٰ چيو ته الله تعالىٰ فرمائي ٿو

اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَاۤءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾

بيشڪ اها ڍڳي هيڏي آهي، رنگ سندس صاف هيڏو آهي جو ڏسندڙن کي پسند اچي ٿي .

له تفسير روح البيان. ٢ تفسير روح البيان. ٣ تفسير بيضاوي وتفسير روح البيان وتفسير مظهري

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ وَ

چيائون پنهنجي رب کان تون دُعا گهُرتہ ڏيئي جي چنائي بيان فرمائي، بيشڪ ڏيئي جي سچائپ ۾ اسان منجهيل آهيون ۽

اِنَّاۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا

جيڪڏهن الله گهريو تہ اسين ضرور سچائيندا سين. فرمايو موسيٰ الله تعالىٰ فرمائي تو تہ بيشڪ اها ڏيئي آهي جنهن

ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ؕ

کان نہ خدمت ليو ويندي ۽ نہ زمين کيڙي ٿي ۽ نہ کي آبادي کي پياري ٿي بي عيب آهي[1] کوبہ داغ[2] نہ اٿس،

قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ ع ٨ ٨ وَ

چيائون هينئر تو اسان کي صحيح گالهہ ٻڌائي، پوءِ ان ڏيئي کي ڪُناون ۽ ذبح ڪرڻ جو ارادو نہ ٿي رکيائون. ۽

اِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ

جڏهن توهان هڪ انسان کي قتل ڪيو پوءِ هڪ ٻئي تي الزام هنيو، ۽ الله ظاهر ڪندڙ آهي جيڪو

تَكْتُمُوْنَ ﴿٧٢﴾ ۚ فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ

توهان لڪايو ٿي. پوءِ اسان فرمايو مئل انسان کي ڏيئي جو ڪجهہ حصو لڳايو، اهڙي طرح الله مئلن کي زنده

الْمَوْتٰى وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ

ڪري ٿو ۽ توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو تہ من سمجهو. ان کان پوءِ توهان جون

مِّنْ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ وَاِنَّ مِنَ

دليون سخت ٿيون پوءِ اهي پٿرن وانگر بلڪ ان کان بہ زياده سخت آهن، ۽ بيشڪ کي

الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ

پٿر اهڙا آهن جن مان نهرون وهن ٿيون، ۽ بيشڪ کي پٿر اهڙا آهن جيڪي ڦاٽي پون ٿا

فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ

پوءِ انهن مان پاڻي نڪري ٿو، ۽ بيشڪ کي پٿر الله تعالىٰ جي خوف کان ڪري پون ٿا.

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير مظهري.

وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٤﴾ اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ

۽ الله توهان جي عملن کان بي خبر ناهي . ڇا توهان کي اميد آهي ته يهودي توهان تي يقين ڪندا

وَقَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلَامَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ

۽ بيشڪ يهودين ۾ هڪ ٽولو هو آهي جيڪي ڪلام الله ٻڌي ۽ سمجهي پوءِ ڦيرائي ڇڏن ٿا

بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا

حالانڪه اهي پاڻ ڄاڻندا هئا. ۽ اهي جڏهن مؤمنن سان ملن ٿا ، چون ٿا

اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا

ته اسان ايمان آندوه ۽ جڏهن اهي (يهودي) پاڻ ۾ ملن ٿا چون ٿا، ڇا خبر ڏيو ٿا مؤمنن کي

فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٦﴾

رسول عربي ﷺ جي نشانين جي انهيءَ لاءِ ته توهان سان پنهنجي رب وٽ حُجت ڪن، ڇا پوءِ توهان نه ٿا سمجهو.

اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَ

ڇا اهي نه ٿا ڄاڻن ته بيشڪ الله تعالاڻ ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهه لڪائن ٿا ۽ ظاهر ڪن ٿا . ۽

مِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا

انهن مان ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي ڪتاب کي نه ٿا ڄاڻن مگر زباني پڙهڻ کي ۽ اهي ته فقط

يَظُنُّوْنَ ﴿٧٨﴾ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ثُمَّ

گمان ڪن ٿا. پوءِ عذاب آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڪتاب کي پنهنجن هٿن سان لکي پوءِ

يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ

چون ٿا هي الله تعالاڻ جي طرفان آهي انهيءَ لاءِ ته ان جي عيوض ٿوڙو مال وٺن ،

فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا

پوءِ عذاب آهي انهن لاءِ جيڪي انهن جي هٿن لکيو ۽ عذاب آهي انهن لاءِ جيڪي

النصف

له تفسير جلالين ۽ تفسير جامع البيان.

يَكْسِبُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ

ڪجهه ڪمائون ۔ ۽ چيائون اسان کي هرگز باهه نه لڳندي مگر ٿورا ڏينهن

قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ

اي حبيب توهان انهن کي فرمايو ڇا توهان الله وٽان وعدو ورتو آهي پوءِ هرگز الله تعالي پنهنجي وعدي کي نه ڦيرائيندو

اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ

ڇا الله جي اها ڳالهه چئو ٿا جنهن جي توهان کي خبر نه آهي ۔ ها انهيءَ ماڻهو جنهن گناهه

سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓـَٔتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ

ڪيا ۽ سندس گناهه گهٽا ٿيا پوءِ اهي جهنمي آهن،

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ۔ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۔

اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع وَاِذْ اَخَذْنَا

اهي جنتي آهن، اهي انهي جنت ۾ هميشه رهندڙ آهن ۔ ۽ جڏهن اسان

مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ ۖ وَبِالْوَالِدَيْنِ

بني اسرائيل کان وعدو ورتو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ پيءُ ماءُ

اِحْسَانًا وَّذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا

سان ۽ ماڻنن سان ۽ يتيمن سان ۽ مسڪينن سان احسان ڪريو ۽ ماڻهن سان

لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ

سهڻو ڳالهايو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ادا ڪريو،

ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾

انهيءَ کان پوءِ توهان ڦري ويا مگر ٿورڙا توهان مان ۽ توهان منهن موڙيندڙ هئا ۔

ع ١١

له تفسير بيضاوي وتفسير روح البيان ۔

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا تُخْرِجُوْنَ

۽ جڏهن اسان توهان کان وعدو ورتو ته پاڻ ۾ خونريزي نه ڪريو ۽ پنهنجن کي پنهنجن

اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾

گوٺن مان نه ڪڍو پوءِ توهان اقرار ڪيو ۽ توهان پاڻ شاهد هئا.

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ

پوءِ توهان پنهنجن کي قتل ڪيو ۽ توهان مان هڪ ٽولي پنهنجن کي سندن گهرن

مِّنْ دِيَارِهِمْ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ؕ وَاِنْ

مان ڪڍيو ۽ توهان هڪ ٻئي جي مدد ڪئي گناهه ۽ زيادتي تي، ۽ جيڪڏهن اهي

يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ؕ

توهان وٽ قيدي ٿي اچن ته ڪائن چٽي پرايو ٿا ۽ توهان تي انهن جو ڪڍڻ حرام هو،

اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ

ڇا پوءِ ڪن حڪمن کي مڃو ٿا ۽ ڪن حڪمن جو انڪار ڪريو ٿا، پوءِ ناهي جزا

مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ

جيڪو اوهان مان ايئن ڪري تو مگر خواري، دنيا جي حياتي ۾، ۽ قيامت

الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ

جي ڏينهن سخت عذاب ڏانهن موٽايا ويندا، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن

عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا

کان بي خبر نه آهي. اهي اُهي ماڻهو آهن جن آخرت جي عيوض دنيا جي

بِالْاٰخِرَةِ ۖ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع

حياتي خريد ڪئي، پوءِ انهن جي مٿان نه عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه انهن جي مدد ڪئي ويندي.

ع ١٠

له تفسير روح البيان.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ز

۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي توراتَ ڏنو ۽ انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان رسول موڪليا سين،

وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط

۽ اسان عيسيٰ بن مريم کي چٽيون نشانيون ڏنيون ۽ (حضرت) جبرئيل[1] سان ان جي مدد ڪئي سين.

اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ج

ته ڇا پوءِ جڏهن توهان وٽ ڪو پيغمبر اهي حڪم ڪٽي اچي ته جيڪي اوهان کي پسند نه آهن، توهان تڪبر ڪريو ٿا،

فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ز وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا

پوءِ توهان کن پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو، ۽ ڪيترن کي شهيد ڪيو. ۽ چيائون اسان جي دلين مٿان

غُلْفٌ ط بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

پردا آهن، بلڪ الله تعالىٰ انهن تي لعنت ڪئي ڪفر جي سبب پوءِ انهن مان ٿورا ايمان آڻيندا.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ لا

۽ جڏهن انهن وٽ الله جي طرفان قرآن شريف آيو جيڪو توراتَ[2] جي تصديق ڪندڙ آهي،

وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ج

۽ ان کان اڳ پاڻ سگهارن جي وسيلي سان، ڪافرن تي فتح جي دُعا گهرندا هئا،

فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ز فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى

پوءِ جڏهن پاڻ سگهارا تشريف[3] فرمائيا ۽ ڪين سڃاڻي انڪار ڪيائون، پوءِ الله تعالىٰ جي لعنت آهي

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ

انڪار ڪندڙن تي. ڪهڙي نه خراب قيمت تي پنهنجين جانن جو سودو ڪيائون جو

اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ

قرآن شريف جو انڪار ڪيائون، انهيءَ ڪاوڙ مان جو الله پنهنجي مهرباني سان جنهن بندي تي چاهي وحي

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير النسفي.

مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ

موڪلي تو ، پوءِ ڪاوڙ جي مٿان ڪاوڙ جا لائق ٿيا ، ۽ ڪافرن لاءِ

عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

خواريءُ وارو عذاب آهي . ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تو ته الله جي قرآن تي ايمان آڻيو

قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَ

چون ٿا اسان تورات ۾ تي ايمان آڻيون ٿا ۽ قرآن شريف جو انڪار ڪن ٿا ، ۽

هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ

اهو حق آهي ۽ تورات جي تصديق ڪندڙ ، توهان فرمايو پوءِ ڇو توهان اڳين رسولن کي

اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩١﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ

شهيد ڪيو جيڪڏهن توهان کي پنهنجي ڪتاب تي ايمان آهي . ۽ بيشڪ توهان وٽ

مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ

موسيٰ چٽين نشانين سان آيو پوءِ انهيءَ کان پوءِ توهان گابي جي پوڄا ڪئي ۽

اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا

توهان ظالم هئا . ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان توهان کان پڪو وعدو ورتو ۽ توهان تي

فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا

طور سينا بلند ڪيوسين ، ۽ چيو توهان جيڪو اسان توهان کي ڏنو آهي طاقت سان ۽ ٻڌو ، چيائون

سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا ۗ وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ

اسان ٻڌوسين ۽ نه مڃيوسين ، ۽ ڪفر ڪرڻ جي ڪري توهان جي دلين ۾ گابي جي محبت ڀري هئي ،

قُلْ بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾

توهان فرمايو ڪهڙو وڏو خراب حڪم ڪري ٿو توهانکي ايمان توهان جو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو .

ته تفسير النسفي . ٢ته تفسير جلالين .

قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ

اي حبيب توهان فرمايو جيڪڏهن توهان لاءِ آخرت جو گهر الله وٽ خاص آهي ٻين ماڻهن

دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَلَنْ

کان علاوه، پوءِ توهان مرڻ جي سڌ ڪريو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ۽ هرگز

يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ

(ڪڏهن) ان جي آرزو نه ڪندا، پنهنجن بدعملن جي ڪري، ۽ الله تعالىٰ ظالمن کي چڱي

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٥﴾ وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۚۛ وَمِنَ

طرح ڄاڻندڙ آهي. ۽ بيشڪ توهان انهن کي حياتي لاءِ وڌيڪ پسند ڪندڙ سندا، ۽ مشرڪن

الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚۛ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ

مان هڪ ٽولي کي تمنا آهي ته ڪاش جيڪڏهن انهن کي هزار سال زندگي ملي، سندن گهٽو

بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ ۢ بِمَا

جيئڻ کين عذاب کان پري لهه ڪري نه سگهندو، ۽ الله تعالىٰ سندن عملن کي

يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ ع قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى

ڏسندڙ آهي. اي حبيب توهان فرمايو جيڪو جبريل جو دشمن آهي پوءِ تحقيق انهي توهان جي

قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّ

دل مبارڪ تي الله جي حڪم سان قرآن شريف لاڻو جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ ۽ هدايت ۽

بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ

مبارڪ آهي مؤمنن لاءِ. جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽ ان جي ملائڪن ۽ رسولن

رُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾

۽ جبريل ۽ ميڪائيل جو مخالف آهي، پوءِ تحقيق الله عذاب ڏيندڙ آهي ڪافرن کي.

معانقة ٢ عند الساجدين ٢

= ١٠ =

له تفسير بيضاوي وتفسير جلالين. ٢ له تفسير جلالين.

وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا

۽ بيشڪ اسان توهان تي اي حبيب چٽيون آيتون نازل فرمايون، ۽ انڪار نه ٿا ڪن انهيءَ جو

الْفٰسِقُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ؕ بَلْ

مگر بي دين . ڇاجڏهن اُهي ڪو وعدو ڪن ٿا انهن مان هڪ جماعت وعدو توڙي ٿي، پر

اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ

گهڻا انهن مان توراتَ کي نه ٿا مڃن . ۽ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان رسول ڪريم ﷺ آيو

مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ

جيڪو سندن ڪتاب جي تصديق ڪري ٿو ته انڪار ڪيو هڪ ٽولي اهلِ ڪتاب وارن مان،

كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾

قرآن شريف جي حڪمن کي نه مڃو گويا ڪ بيشڪ اهي نه ٿا ڄاڻن .

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا

۽ انهيءَ جي پويان ويا جيڪو شيطان پڙهندا هئا سليمان جي دورِ حڪومت ۾، ۽ نه

كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ

جادو ڪيو (حضرت) سليمان پر شيطانن ڪفر ڪيو (يعني) ماڻهن کي جادو

السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ؕ

سيکاريو ، ۽ جيڪو بابل شهر ۾ ٻن ملائڪن هاروت ۽ ماروت تي الهام ٿيو،

وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا

۽ اهي ٻئي ڪنهن کي ڪجهه نه سيکاريندا هئا جيستائين نه چوندا هئا ته اسين امتحان ۾ آهيون، پوءِ تون ته

تَكْفُرْ ؕ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ

ڪفر نه ڪر، پوءِ انهن کان سکندا هئا اهو علم جيڪو نرال ۽ مڙس جي وچ ۾ اختلاف

له تفسير روح البيان. ٢ تفسير روح البيان.

٣ تفسير روح البيان.

زَوْجِهٖ ؕ وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ

پيدا ڪري، ۽ انهيءَ علم مان ڪنهن کي به الله جي اجازت کان سواءِ نقصان پهچائي نه ٿي سگهيا،

وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَلَقَدْ عَلِمُوْا

۽ اهو علم سکيائي ٿي جيڪو انهن کي نقصان ڏيي ۽ ڪو به فائدو نه ڏيي، ۽ بيشڪ ضرور انهن معلوم

لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ وَلَبِئْسَ

ڪيو ته جيڪو اهو واپار ڪندو انهيءَ لاءِ آخرت ۾ ڪو به حصو ناهي، ۽ البته خراب

مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ

شيءُ هئي جيڪا انهن خريد ڪئي، ڪاش جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها. ۽ جيڪڏهن بيشڪ

اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا

اُهي ايمان آڻن ها ۽ شرڪ له ڪن بچن ها ته انهن لاءِ الله وٽ ثواب هجي ها، ڪاش جيڪڏهن

يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا ع ١٢

اهي ڄاڻن ها. اي مؤمنو! رسولِ عربيءَ کي راعِنَا جي لفظ سان عرض نه ڪريو بلڪ اُنْظُرْنَا

انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ مَا

جي لفظ سان عرض ڪريو ۽ چڱي طرح ٻڌو، ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. جيڪي

يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ

ڪافر آهن اهلِ ڪتاب مان يا مشرڪن مان اهي نه ٿا چاهين ته

اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ

رسولِ عربي تي سندس رب جي طرفان ڪو انعام نازل ٿئي، ۽ الله تعالىٰ خاص ڪري ٿو

بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾

رحمت پنهنجيءَ سان جنهن کي گهري، ۽ الله تعالىٰ وڏو مهربان آهي.

له تفسير روح البيان.

له راعنا عام رواجي لفظ آهي ان ڪري پاڻ ڪريمن کي اُنظرنا جي خاص لفظ سان سڏيو ته جيئن سندن تعظيم ۾ اضافو ٿئي.

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ

جدهن[1] اسين کا آيت منسوخ ڪريون ٿا يا ڏيلين تان ميٽيون ٿا تہ ان کان بهتر يا ان جهڙي آيت آڻيون ٿا، ڇا

تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ

نہ ڄاڻين تون[2] (اي ٻڌندڙ) بيشڪ الله تعالىٰ هر شئي تي قادر آهي. ڇا نہ ڄاڻين تون بيشڪ الله تعالىٰ

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ

لاءِ مُلڪ آهي آسمانن جو ۽ زمين جو، ۽ ناهي توهان جو (اي مومنو) الله کان سوا ۽

وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا

کو حمايتي ۽ مددگار. ڇا اهو چاهيو ٿا تہ پنهنجي رسول عربي کان سوال ڪريو جيئن ڪ

سُئِلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ

توهان کان اڳ (حضرت) موسىٰ کان سوال ڪيو ويو ۽ اهو ماڻهو جيڪو ايمان کي ڪفر سان مٽائي ٿو

فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾ وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ

پو ۽ بيشڪ اهو سڌين رستي تان هٽي ويو. اهل ڪتاب وارن مان گهڻا ارادو ڪن ٿا تہ

لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ كُفَّارًا ۚ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ

ڪاش اهي توهان کي ايمان آڻڻ کان پو ۽ ڪفر جي طرف موٽائن، پنهنجي دلين جي

اَنْفُسِهِمْ مِّنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا وَ

حسد کان انهي، کان پو ۽ جڏهن حق انهن تي چڱي طرح ظاهر ٿي چڪو آهي، پو ۽ توهان معاف ڪريو

اصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

۽ درگذر ڪريو ايستائين جو الله تعالىٰ پنهنجو حڪم نازل فرمائي، بيشڪ الله تعالىٰ هر شئي تي

قَدِيْرٌ ﴿١٠٩﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا

قادر آهي. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو، ۽ پنهنجي لاءِ جيڪي

الثلثة

[1] تفسير جلالين وتفسير بيضاوي.
[2] تفسير بيضاوي.

لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

پلائي آئتي موڪليندا اها الله تعالىٰ وٽ موجود لهندا ، بيشڪ الله تعالىٰ توهانجي عملن

بَصِيْرٌ ﴿١١٠﴾ وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا

جي ڏسندڙ آهي . ۽ اهل ڪتاب وارن چيو هرگز جنت ۾ داخل نه ٿيندا مگر يهودي

اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ

يا نصاريٰ ، اهي سندن ذاتي سڌون آهن ، اي حبيب توهان فرمايو پنهنجا دليل آڻو جيڪڏهن

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ

توهان سچا آهيو . ها ، جنهن شخص پنهنجي چهري کي الله لاءِ خاص ڪيو ۽ اهو[1] نيڪوڪار

فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ ع ٢ ١٥

آهي پوءِ سندس ثواب سندس رب وٽ آهي ، ۽ نه آهي خوف انهن تي ۽ نه اهي ڏکويا .

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَيْءٍ ۖ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى

۽ يهودين چيو نصارائي ڪجهه ناهن ، ۽ نصارن چيو

لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَيْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ

يهودي ڪجهه ناهن ، حالانڪه[2] اهي ڪتاب پڙهن ٿا ، اهڙي طرح

الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ

جاهل انهن جهڙيون گالهيون ڪن ٿا ، پوءِ الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن

الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ

انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو جن گالهين ۾ اختلاف ڪندا هئا . ۽ انهي کان وڌيڪ ظالم

مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ

ڪير آهي جيڪو الله جي مسجدن[3] کان روڪي جو انهن ۾ الله جو ذڪر ٿي ۽ انهن جي ويراني جي ڪوشش

[1] تفسير روح البيان . [2] تفسير روح البيان . [3] تفسير نسفي .

أُولَٰئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ أَن يَدْخُلُوهَا إِلَّا خَائِفِينَ ۚ لَهُمْ فِي

ڪري، انهن کي مناسب نہ آهي جو مسجدن ۾ وڃن مگر خوف سان، انهن لاءِ

الدُّنْيَا خِزْيٌ وَلَهُمْ فِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١١٤﴾ وَلِلَّهِ الْمَشْرِقُ

دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي. ۽ اوڀر ۽ اولهه

وَالْمَغْرِبُ ۚ فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ وَاسِعٌ عَلِيمٌ ﴿١١٥﴾

الله تعالىٰ جا آهن، پوءِ توهان جيڏانهن مُنهن ڪندا ٿي موڙيو لهندا، بيشڪ الله گهڻي رحمت وارو خبردار آهي

وَقَالُوا اتَّخَذَ اللَّهُ وَلَدًا ۗ سُبْحَانَهُ ۖ بَل لَّهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَ

۽ چيائون الله تعالىٰ پنهنجي لاءِ اولاد ڪيو آهي، اهو پاڪ آهي، بلڪ ان جي ملڪيت آهي جيڪي ڪجهه

الْأَرْضِ ۖ كُلٌّ لَّهُ قَانِتُونَ ﴿١١٦﴾ بَدِيعُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ وَإِذَا

آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي، سڀئي انهي جا فرمانبردار آهن. پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو، ۽ جڏهن

قَضَىٰ أَمْرًا فَإِنَّمَا يَقُولُ لَهُ كُن فَيَكُونُ ﴿١١٧﴾ وَقَالَ الَّذِينَ لَا

ڪنهن ڳالهه جو حڪم فرمائي ٿو ته ان کي چوي ٿو ته ٿي وڃ تو ٿي پوي ٿو. ۽ اڻ پڙهيل چون ٿا

يَعْلَمُونَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللَّهُ أَوْ تَأْتِينَا آيَةٌ ۗ كَذَٰلِكَ قَالَ

الله تعالىٰ اسان سان چو نہ ٿو ڳالهائي يا اسان کي ڪا نشاني ڏي، انهن کان اڳ وارن

الَّذِينَ مِن قَبْلِهِم مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ تَشَابَهَتْ قُلُوبُهُمْ ۗ قَدْ

مانهن به اهڙي ئي ڳالهه ڪئي انهن جهڙي گفتگو، هنن ۽ انهن جون دليون هڪ جهڙيون آهن،

بَيَّنَّا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يُوقِنُونَ ﴿١١٨﴾ إِنَّا أَرْسَلْنَاكَ بِالْحَقِّ

بيشڪ اسان بيان ڪيون آهن نشانيون انهن لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا. بيشڪ اسان توهان کي حق سان موڪليو آهي

بَشِيرًا وَنَذِيرًا ۖ وَلَا تُسْأَلُ عَنْ أَصْحَابِ الْجَحِيمِ ﴿١١٩﴾

خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ توهان کان اي حبيب دوزخين بابت ڪو سوال نہ ڪبو ويندو.

له تفسير روح البيان. ٢ تفسير النسفي.

وَلَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ اِنَّ

۽ توهان کان يهودي ۽ نصاريٰ هرگز راضي نه ٿيندا جيستائين توهان انهن جي دين جي تابعداري نه ڪندا، توهان چئو

هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَآءَكَ

بيشڪ الله جي هدايت ئي هدايت آهي، ۽ اي ڳالهه بدندڙ جيڪڏهن تو انهن جي خواهشن جي تابعداري ڪئي علم

مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٢٠﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ

اچڻ کان پوءِ نه الله کان تو کي کو به بچائڻ وارو ۽ مددگار نه هوندو. جن مانهن کي اسان

الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ

ڪتاب ڏنو آهي اهي انهي جو حق اداڪري پڙهن ٿا، اهي ئي انهي تي ايمان رکن ٿا، ۽ جيڪي انهي جو

بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٢١﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ

انڪار ڪندڙ آهن پوءِ اهي ئي ڇيهي وارا آهن. اي اولاد يعقوب جا توهان منهنجن نعمتن کي ياد

اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ

ڪريو جيڪي مون توهان تي ڪيون ۽ بيشڪ مون توهان کي پلوڪيو اُن زماني وارن کان. ۽ ڈجو انهي ڏينهن کان

نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ

جو ڪو مؤمن ڪافر کي ڪو فائدو نه ڏئي سگهندو ۽ نه قبول ڪيو ويندو ڪانئس ڪو عيوض ۽ نه نفعو ڏيندس سفارش

وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ

۽ نه ئي ڪين مدد ڏني ويندي. ۽ جڏهن حضرت ابراهيم کي پنهنجي رب ڪن ڳالهين کان آزمايو پوءِ پاڻ اهي پورين

قَالَ اِنِّيْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ؕ قَالَ لَا

ڪيائين، الله فرمايو آئون تو کي مانهن جو اڳواڻ ڪندس، عرض ڪيائين ۽ منهنجي اولاد مان، الله فرمايو

يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَ

نه تو پهچي منهنجو وعدو ظالمن کي. اي حبيب ياد ڪر جڏهن اسان ڪعبي شريف کي مانهن لاءِ ثواب جي جاءِ ۽

وقف منزل

۽ وقف

١ تفسير ابن عباس. ٢ تفسير خزائن العرفان بحواله تفسير خازن. ٣ تفسير روح البيان.

اَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ

امن جي جاءِ ڪئي ، ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي جاءِ نماز بنايو ۽ اسان تاڪيد سان حڪم فرمايو ابراهيم

وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾

۽ اسماعيل کي ته بيت الله کي طواف ڪندڙن ، اعتڪاف ڪندڙن ۽ نماز پڙهندڙن لاءِ پاڪ رکو .

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ

۽ جڏهن ابراهيم عرض ڪيو اي منهنجا رب هن شهر کي امن وارو ڪر ۽ ان ۾ رهندڙن کي قسمين

الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ

قسمين ميوا کاراءِ جيڪي انهن مان الله تعالي ۽ قيامت تي ايمان آڻن ، الله فرمايو ۽ جنهن ڪفر ڪيو

فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗٓ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٦﴾

ان کي ٿورو وقت خوشحال ڪندس ان کان پوءِ جهنم جي عذاب ۾ انهن مجبور ڪندس ۽ اها تمام خراب جاءِ آهي .

وَاِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ

اي حبيب ياد فرمايو جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت الله جي بنيادن کي بلند ڪيو ته عرض ڪيائون اي اسانجا

مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾ رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ

رب قبول ڪر تون اسان کان بيشڪ تون ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين . اي رب اسانجا اسان ٻنهي کي پنهنجو مخلص بنائ

وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ۠ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ عَلَيْنَا ۚ

۽ اسان جي اولاد مان هڪ جماعت کي فرمانبردار ڪر ، ۽ اسان کي عبادت جا قاعدا ڏيکار ۽ اسان تي پنهنجي رحمت

اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ

سان موٽ بيشڪ تون نهايت توبه قبول ڪندڙ مهربان آهين . اي اسان جا رب انهن ۾ رسول (ڪريم) موڪل انهن مان

يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ؕ

جيڪو انهن کي قرآن ڪريم پڙهائي ۽ انهن کي قرآن ۽ شرعي احڪام سيکاري ۽ انهن کي پاڪ ڪري ،

له تفسير روح البيان . ٢ تفسير النسفي وتفسير بيضاوي . (منزل ١) ٣ تفسير جلالين . ٤ تفسير روح البيان .

ع ٥ ٥

إِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١٢٩﴾ وَمَنْ يَرْغَبُ عَنْ مِلَّةِ إِبْرٰهِمَ

بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين. ۽ ابراهيم جي دين کان ڪير منهن موڙي

إِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهُ ۚ وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۖ وَإِنَّهُ

مگر جنهن پنهنجي دل کي بيوقوف بنايو، ۽ بيشڪ اسان انهيءَ کي دنيا ۾ پسند ڪيو، ۽ بيشڪ

فِي الْآخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِينَ ﴿١٣٠﴾ إِذْ قَالَ لَهُ رَبُّهُ أَسْلِمْ ۙ قَالَ

اهو آخرت ۾ يقيناً صالحن مان آهي. جڏهن ابراهيم کي سندس رب فرمايو منهنجي فرمانبرداري

أَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِينَ ﴿١٣١﴾ وَوَصّٰى بِهَا إِبْرٰهِمُ بَنِيهِ وَ

ڪر چيائين فرمانبرداري ڪئي مون رب جهانن واري جي. ۽ انهيءَ دين جي وصيت ڪئي ابراهيم پنهنجي پُٽن ۽

يَعْقُوبُ ۚ يٰبَنِيَّ إِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّينَ فَلَا تَمُوتُنَّ

۽ يعقوب کي ته اي منهنجا پُٽ بيشڪ الله توهان لاءِ دين کي پسند ڪيو آهي پوءِ هرگز نه مرو

إِلَّا وَأَنْتُمْ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٢﴾ أَمْ كُنْتُمْ شُهَدَاءَ إِذْ حَضَرَ يَعْقُوبَ

توهان مگر مسلمان ٿي. بلڪ توهان جاوڻ اموجود هئا (حضرت) يعقوب جي وصال

الْمَوْتُ ۙ إِذْ قَالَ لِبَنِيهِ مَا تَعْبُدُونَ مِنْ بَعْدِي ۖ قَالُوا

وقت، جڏهن يعقوب پنهنجي پُٽن کي فرمايو توهان مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندا، چيائون

نَعْبُدُ إِلٰهَكَ وَإِلٰهَ آبَائِكَ إِبْرٰهِمَ وَإِسْمٰعِيلَ وَإِسْحٰقَ إِلٰهًا

اسين عبادت ڪنداسين ان جي جيڪو توهان جو ۽ توهانجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جو اڪيلو

وَاحِدًا ۖ وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٣﴾ تِلْكَ أُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۖ لَهَا مَا

رب آهي، ۽ اسين الله کي محيندڙ آهيون. اهاهڪ امت هئي جيڪا گذري چڪي، انهن لاءِ

كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَا كَسَبْتُمْ ۖ وَلَا تُسْأَلُونَ عَمَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٣٤﴾

اهو آهي جيڪو عمل ڪيائون ۽ توهان لاءِ جيڪو توهان عمل ڪريو ٿا ۽ انهن جي عملن بابت توهان کان نه پڇو ويندو.

١ تفسير جلالين. ٢ تفسير جلالين.

وَقَالُوا كُونُوا هُودًا أَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوا ۗ قُلْ بَلْ مِلَّةَ إِبْرٰهِمَ

۽ اهلِ ڪتاب چون ٿا تہ يهودي يا نصاريٰ ٿيو تہ هدايت ٿي ٿيندا، اي حبيب توهان فرمايو اسين ابراهيم جي

حَنِيفًا ۗ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٣٥﴾ قُولُوا آمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَا أُنْزِلَ

دين حق جاتابعدار آهيون، ۽ (حضرت) ابراهيم مشرڪن مان نہ هو. توهان فرمايو اسان الله تي ايمان آندو ۽ جيڪو

إِلَيْنَا وَمَا أُنْزِلَ إِلٰى إِبْرٰهِيمَ وَإِسْمٰعِيلَ وَإِسْحٰقَ وَيَعْقُوبَ وَ

اسان جي طرف نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جي اولاد ۾ جي

الْأَسْبَاطِ وَمَا أُوتِيَ مُوسٰى وَعِيسٰى وَمَا أُوتِيَ النَّبِيُّونَ مِنْ

طرف نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو ڏنو ويو موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ۽ جيڪو ڏنو ويو ٻين نبين کي سندن رب

رَبِّهِمْ ۖ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٦﴾ فَإِنْ

جي طرفان، اسين انهن مان ڪنهن تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نہ ڪريون، ۽ اسين الله کي مڃيندڙ آهيون. پوءِ

آمَنُوا بِمِثْلِ مَا آمَنْتُمْ بِهِ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۖ وَإِنْ تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا هُمْ

جيڪڏهن اهي توهان وانگر ايمان آڻن پوءِ بيشڪ هدايت وارا ٿيا، ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرائون پوءِ

فِي شِقَاقٍ ۖ فَسَيَكْفِيكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿١٣٧﴾ صِبْغَةَ

اهي ضد ۾ آهن، اي حبيب انهن جي مقابلي ۾ الله توهان لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. الله تعالىٰ اسان کي

اللّٰهِ ۖ وَمَنْ أَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۖ وَنَحْنُ لَهُ عٰبِدُونَ ﴿١٣٨﴾

دين سان رڱيو آهي ۽ رنگ ڏيڻ ۾ الله تعالىٰ کان ڪير بهتر آهي، ۽ اسان الله تعالىٰ جي عبادت ڪندڙ آهيون.

قُلْ أَتُحَاجُّونَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۖ وَلَنَا أَعْمَالُنَا وَ

اي حبيب توهان فرمايو ڇا الله جي باري ۾ اختلاف ڪريو ٿا ۽ الله توهان ۽ اسان جو رب آهي، اسان لاءِ اسان جا عمل

لَكُمْ أَعْمَالُكُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهُ مُخْلِصُونَ ﴿١٣٩﴾ أَمْ تَقُولُونَ إِنَّ

۽ توهان جا عمل توهان لاءِ، ۽ اسين الله کي مڃيندڙ آهيون. بلڪ توهان چئو ٿا تہ

له تفسير جلالين. ٢ تفسير جلالين.

إِبْرٰهِمَ وَإِسْمٰعِيلَ وَإِسْحٰقَ وَيَعْقُوبَ وَالْأَسْبَاطَ كَانُوا

ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جو اولاد [1]

هُودًا أَوْ نَصٰرٰى ۗ قُلْ ءَأَنْتُمْ أَعْلَمُ أَمِ اللّٰهُ ۗ وَمَنْ أَظْلَمُ

يهودي يا نصاريٰ هئا ، اي حبيب توهان فرمايو توهان کي علم زياده آهي يا الله کي ، ۽ انهي کان وڌيڪ

مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهُ مِنَ اللّٰهِ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ

ڪير ظالم آهي جنهن وٽ الله جي طرفان شاهدي هجي ۽ ان کي لڪائي ، ۽ الله توهان جي عملن

عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿١٤٠﴾ تِلْكَ أُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ

کان بي خبر ناهي . اها امت بيشڪ گذري ، انهن لاءِ اُهي سهڻا عمل هوندا جيڪي انهن ڪيا ۽

لَكُمْ مَا كَسَبْتُمْ ۖ وَلَا تُسْـَٔلُونَ عَمَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٤١﴾ ع

توهان لاءِ اهي عمل آهن جيڪي توهان ڪريوٿا ، ۽ توهان کان انهن جي عملن بابت نه پڇيو ويندو .

الجزء ٢ ع ٢ ٢ ٢

سَيَقُولُ السُّفَهَاءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِي

بي عقل [2] ماڻهو جلدي چوندا ته مسلمانن کي پنهنجي قبلي کان ڪنهن ڦيرايو آهي جنهن

كَانُوا عَلَيْهَا ۚ قُلْ لِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۗ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ

تي اهي هئا ، اي حبيب توهان فرمايو اوپر ۽ اوله الله جو آهي ، جنهن کي گهري

إِلٰى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ﴿١٤٢﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ أُمَّةً وَسَطًا لِتَكُونُوا

سنئين رستي تي هلائي . ۽ [3] حقيقت ۾ اسان توهان کي سيني امتن کان پلو ڪيو ته توهان

شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُونَ الرَّسُولُ عَلَيْكُمْ شَهِيدًا ۗ وَمَا

ماڻهن تي شاهد هجو ۽ رسول ڪريم توهان تي شاهد [4] هجي ، ۽ نه مقرر

جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِي كُنْتَ عَلَيْهَا إِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَتَّبِعُ الرَّسُولَ

ڪيو اسان قبلي کي جنهن تي اي حبيب توهان هئا مگر اسان کي ڏسڻو هو ته ڪير رسول عربي ﷺ جي

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير بيضاوي وتفسير النسفي . [3] تفسير روح المعاني . [4] تفسير مظهري وتفسير النسفي .